# مانجھي فقير

# جا ڪفريہ ڪلام



تحرير:

## محمد سليمان جمالي

ناشر: مڪتبہ ابو عبيده بن جراح

كتاب جو نالو: مانجهي فقير جا ڪفريہ ڪلام
ليکڪ: محمد سليمان جمالي
ڇاپو پهريون: مارچ 2024ع
ٽائٽل: عبدالواسع برڪات
ناشر: مڪتبہ ابو عبيده بن جراح

ناشر: مڪتبہ ابو عبيده بن جراح

# مانجهي فقير جا ڪفريه ڪلام

مانجهي فقير سنڌ جي شهر شاهپور چاڪر پرسان رهندڙ هڪ ڳائڻو آهي سنڌ جو بي دين طبقو هن جو راڳ وڏي شوق سان ٻڌي ٿو. مانجهي فقير مانجهائي جماعت جي نالي سان باقائده پيري مريدي جو هڪ سلسلو پڻ شروع ڪيو آهي، انهي نسبت سان سندن مريد پاڻ کي مانجهائي فقير سڏائن ٿا. جيڪڏهن هن ماڻهو جو راڳ ٻڌجي ته هن جي هر ڪلام ۾ الله تعالي، ان جي رسول، ان جي ڪتاب، ان جي ملائڪن، مسجد، مدرسن ۽ دين جي هر شعائر تي ٺٺول ۽ چٿر آهي. هي دين ۽ ديني شعائر لاء اهڙا ڪريل لفظ استعمال ڪري ٿو جو هڪ مسلمان اهڙا لفظ ٻڌڻ قطعا برداشت نه ڪري. موصوف جا هزارين ڪلام آهن اسان انهن مان ڪي اٺ ڏه ڪلام ٻڌا ۽ سندن ڪجهه ڳالهيون نوٽ ڪيون آهن. اوهان قارئين سندن زبان هن تحرير جي ذريعي پڙهو پوء اندازو لڳايو ته ڇا هي ماڻهو مسلمان چورائڻ جي لائق آهي؟

(1)

**تنهنجي دوزخ باهي کي اسين نٿا مڃون،**
**اڻ ڏٺي الله کي اسين نٿا مڃون.**

قارئين ڪرام! قرآن مجيد ۾ ڪم وبيش 102 جاين تي جهنم جي باهه جي ذڪر آهي.

رسول الله صلي الله عليه وسلم جهنم جي باهه کان پناه گهري آهي سندن فرمان آهي:

**اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ جَهَنَّمَ.**

اي الله! آئون توکان جهنم جي عذاب کان پناه گهران ٿو. (سنن ابي داود: 984)

رسول الله ﷺ نہ صرف پاڻ جھنم جي عذاب کان پناھ گھري آھي پر پنھنجي امت کي پڻ ان کان ڊيڄاريو آھي. نعمان بن بشير رضي الله عنہ بيان ڪري ٿو تہ رسول لله صلي الله عليہ وسلم فرمايو: أَنْذَرْتُكُمُ النَّارَ.أَنْذَرْتُكُمُ النَّارَ. مان توھان کي جھنم جي باھ کان ڊيڄاريان ٿو مان توھان کي جھنم جي باھ کان ڊيڄاريان ٿو. (مسند احمد: 18398)

جنھن شئي جو ذڪر الله جي ڪلام ۾ ھجي رسول الله ﷺ جي فرمان ۾ ھجي جنھن کان رسول الله ﷺ سندن صحابہ، تابعين، تبع تابعين، سلف صالحين، اولياء الله راتين جو جاڳي، ننڊون ڦٽائي، عبادتون ڪري، دعائون گھري، رب کان پناہ گھري ھجي، جنھن تي ايمان مسلمانن تي متفقہ عقيدو ھجي ڇا اھڙي شئي جو انڪار ڪرڻ صريح ڪفر ناھي؟

قارئين ڪرام! مانجھي فقير جو اڳيون مصرعو انتھائي خطرناڪ ۽ صريح ڪفر تي مبني آھي، ھو چوي ٿو: اڻ ڏٺي الله کي اسين نٿا مڃون اسين نٿا مڃون.

ھي مصرعو ڪيترو خطرناڪ آھي ۽ ڪيتري قدر رب جي ذات جو ڪفر آھي ھن تي تبصري ڪرڻ بجاء انھي جو فيصلو اوھان پڙھندڙ پائرن تي ڇڏيون ٿا. اوھان فيصلو ڪريو تہ رب جي ذات جو صريح انڪار ڪرڻ وارو ماڻھو مسلمان آھي؟ جڏھن تہ مڪي جا ڪافر بہ الله رب العالمين کي مڃيندا ھئا. فرمان باري تعالي آھي:

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ مَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ مَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ.

چؤ تہ آسمان ۽ زمين مان اوھان کي رزق ڪير ٿو عطا ڪري؟ ڪنن ۽ اکين جو مالڪ ڪير آھي؟ ۽ جيئري کي مُئل مان ڪير ٿو ڪڍي؟ ۽ جيئري مان مُئل کي ڪير ٿو ڪڍي؟ ۽ معاملن جي تدبير ڪير ٿو ڪري؟ پوءِ ضرور (اھي ڪافر) جواب ڏيندا تہ اھو الله آھي. (سورة يونس :31)

ابن عباس رضي الله عنهما بيان ڪري ٿو تہ مڪي جا ڪافر بيت الله جو طواف ڪندا هئا ۽ طواف ڪندي چوندا هئا:

الْمُشْرِكُونَ يَقُولُونَ: لَبَّيْكَ لَا شَرِيكَ لَكَ.

اي الله اسان حاضر آهيون تنهنجو ڪو شريڪ ناهي. ان کان پوء اڳيان پنهنجي مشرڪاڻي عادت کان مجبور ٿي چوندا هئا:

إِلَّا شَرِيكًا هُوَ لَكَ تَمْلِكُهُ وَمَا مَلَكَ.

پر تنهنجو هڪڙو شريڪ آهي ان جو بہ تون ئي مالڪ آهين هو پاڻ مالڪ ناهي. (صحيح مسلم: 1185) ان حديث مان معلوم ٿيو تہ مڪي جا ڪافر مثلا ابو جهل ابو لهب عتبہ شيبہ وغيره بہ الله تعالي کي مڃيندا هئا ۽ بيت الله جو طواف ڪندا هئا. جڏهن تہ مانجهي فقير جي هر ٻي ڪلام ۾ بيت الله شريف جي طواف جو انڪار ۽ ان تي ٺٺول آهي. اهڙي طرح اهو بہ ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ مڪي جا ڪافر جڏهن مشڪلن ۾ ڦاسي پوندا هئا تہ الله کي سڏيندا هئا. الله تعالي جو فرمان آهي:

فَإِذَا رَكِبُوا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ.

جڏهن هو ٻيڙين ۾ چڙهندا آهن، تہ فقط الله تي ويساهہ رکي کيس سڏيندا آهن.(العنڪبوت: 65)

الله تعالي جو فرمان آهي:

وَإِذَا غَشِيَهُمْ مَوْجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ.

۽ جڏهن کين سمنڊ جي ڇولي ڪارن ڪڪرن وانگر ڍڪي ٿي تہ ان وقت هو دين کي الله تعاليٰ جي لاءِ خالص ڪري صرف ان کي ئي سڏيندا آهن. (سورة لقمان: 32)

فتح مڪہ جي ڏينهن ابو جهل جو پٽ عڪرمہ ٻيڙي ۾ سوار ٿي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن ٻيڙي وچ سمنڊ ۾ پهتي تہ ٻيڙي هڪ طوفان جي ور چڙهي وئي ٻيڙي کي هلائيندڙ ملاح وراڻيو: هتي اوهان کي اوهان جو ڪو معبود ڪم نہ اچي سگهندو صرف الله کي پڪاريو. تنهن تي عڪرمہ چيو:

وَاللّٰهِ لَئِنْ لَمْ يُنَجِّنِي مِنَ الْبَحْرِ إِلَّا الْإِخْلَاصُ، لَا يُنَجِّينِي فِي الْبَرِّ غَيْرُهُ.

جيڪڏهن سمنڊ جي ڇولين ۾ الله نجات ڏئي ٿو تہ خشڪي ۾ ان کان سواء ڪير ڏئي سگهي ٿو؟ هن چيو: اي الله! جيڪڏهن تو مون کي هن مصيبت مان نجات ڏني تہ آئون ضرور محمد صلي الله عليہ وسلم جي هٿ ۾ پنهنجي هٿ ڏئي مسلمان ٿيندس. پوءِ هو آيو ۽ هن اچي اسلام قبول ڪيو. تفصل لاء ڏسو : (سنن نسائي : 4072) قرآن ڪريم جي آيتن ۽ حديث جي حوالي مان معلوم ٿيو تہ مڪي جا ڪافر بہ الله کي مڃيندا هئا، پر هي ماڻهو مسلمان سڏرائڻ باوجود سرعام چئي رهيو آهي تہ آئون الله کي نٿو مڃان. پر جي سڪي جي ٻي رخ کي ڏسجي تہ هڪ ڳاٺي ۽ ناچو جي ڪفر ڪرڻ سان الله رب العالمين جي عظمت تي ڪهڙو فرق پوندو؟ يقينا هو پاڪ ۽ بلند آهي الله رب العالمين قرآن مجيد ۾ فرمايو:

وَقَالَ مُوسَىٰ إِن تَكْفُرُوا أَنتُمْ وَمَن فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا فَإِنَّ اللَّهَ لَغَنِيٌّ حَمِيدٌ.

۽ موسيٰ عليہ السلام (پنهنجي قوم کي) چيو تہ جيڪڏهن اوهين يا سڄي دنيا وارا ڪفر ڪن تڏهن بہ الله کي ڪو نقصان ڪو نہ پڄندو. بيشڪ الله بي پرواه، ساراهيل آهي. (سورة ابراهيم: 8) هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو دهل وڄائي پيرن ۾ ڇير پائي ماڻهن سامهون نچي رب جو انڪار ڪري ٿو اهڙي ماڻهو جي رب کي ڪهڙي پرواهہ آهي؟ جڏهن تہ انبياء جي اولاد ۽ والدين جي ڪفر جو ئي الله کي پرواهہ نہ هو ۽ هنن کي دنيا ۾ ئي عذاب ڏئي ڏيکاريو ۽ ڪجهہ کي جهنم ۾ عذاب ڏيندو. اسان صرف مانجهي جي مريد سڏائڻ وارن ماڻهن کي سندن مرشد جو چهرو ڏيکارڻ چاهيون ٿا. وڏيڪ فيصلو عوام تي ڇڏيون ٿا تہ ڇا الله جو صريح انڪار ڪرڻ ڪفر ناهي؟

(2)

**اسان تيڏي پيڇي دين تي ايمان ڇڏيا،**
**ڇڏيا مندر تي مسيتا دو جهان ڇڏيا.**

**اسان نازان تيڏيان ويک کي نمازان ڇڏيان،**
**چڙهه منبران تي ڏيوڻ بانگان ڇڏيان.**
**خطبا سڻڻ سڻاوڻ تي واعظان ڇڏيان،**
**اسان ڇهرا تيڏا ويک کي قرآن ڇڏيا.**

الله رب العالمين جي انڪار کان پوءِ مانجهي فقير مٿي بيان ڪيل پنهنجي ڳايل سرائڪي ڪلام ۾ چوي ٿو: اي منهنجا محبوب مون تنهنجي پٺيان دين ۽ ايمان ڇڏي ڏنو آهي مسجد ڇڏي ڏنو آهي نمازون ڇڏي ڏنيون آهن منبر ۽ اذان ڇڏي ڏنا آهن ۽ مون تنهنجي لاءِ قرآن به ڇڏي ڏنو آهي.

قارئين ڪرام! دين، ايمان، مسجد، نماز، منبر ۽ قرآن جو سرعام انڪار ڪرڻ ڇا صريح ڪفر ناهي؟

مانجهي فقير پنهنجي هن ڪلام ۾ مسجد کان بيزاري جو اظهار ڪري ٿو ۽ سندن هر ڪلام ۾ مسجد تي ڇٽر ۽ ٺٺول آهي، جڏهن ته مسجد هڪ مسلمان لاءِ انتهائي مقدس جاءِ آهي ۽ هي الله جون محبوب جايون آهن. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: **أَحَبُّ الْبِلَادِ إِلَى اللَّهِ مَسَاجِدُهَا، وَأَبْغَضُ الْبِلَادِ إِلَى اللَّهِ أَسْوَاقُهَا.** الله کي سڀ کان محبوب جايون مسجدون آهن ۽ سڀ کان نفرت ڀريون جايون بازارون آهن. (صحيح مسلم: 671) هن ڪلام جي شروع ۾ مانجهي فقير ڪافي دير تائين مسجدن جي ڪثرت تي اعتراض ڪندو رهيو جڏهن ته مسلمان سڏائيندڙ هن ماڻهو کي اها به خبر ناهي ته مسجد جي تعمير هڪ وڏي نيڪي جو ڪم آهي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو فرمان آهي:

**مَنْ بَنَى لِلَّهِ مَسْجِدًا بَنَى اللَّهُ لَهُ مِثْلَهُ فِي الْجَنَّةِ.**

جنهن ماڻهو الله لاءِ مسجد تعمير ڪئي الله ان لاءِ جنت ۾ ان جهڙو گهر ناهيندو. (سنن ترمذي: 38)

هڪ روايت ۾ فرمايائون: جيڪڏهن ڪو ماڻهو پکي جي آکيري جيڏي مسجد تعمير ڪندو ته الله ان لاءِ به جنت ۾ گهر تعمير ڪندو. (مسند احمد: 2157)

الله تعالي قيامت جي ڏينهن اهڙن ماڻهن کي پنهنجي عرش جي ڇانو نصيب ڪندو جن جي دل مسجد سان اٽڪيل هوندي. ڏسو: (صحيح بخاري: 660)

ان کان پوءِ مانجهي چوي ٿو : منهنجا محبوب مون تنهنجا ناز ڏسي نماز بہ ڇڏي ڏني آهي. قارئين ڪرام! نماز ڇڏڻ ڪفر آهي الله رب العالمين جو فرمان آهي:

**اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ.**

نماز قائم ڪريو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو (سورة الروم:31)

رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي:

**الْعَهْدُ الَّذِى بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمُ الصَّلَاةُ فَمَنْ تَرَكَهَا فَقَدْ كَفَرَ.**

اسان ۽ ڪافرن جي وچ ۾ معاهدو نماز آهي جنهن نماز ڇڏي تحقيق انهي ڪفر ڪيو. (ترمذي شريف : 2621)

پڙهندڙ پيائرو! قرآن ۽ حديث جي حوالن مان معلوم ٿيو تہ نماز ڇڏڻ ڪفر آهي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو صريح نماز جو انڪار ڪري تہ ڇا اهو مسلمان آهي؟ نماز کان پوءِ چوي ٿو: مون اذانون بہ ڇڏي ڏنيون آهن. جڏهن تہ اذان هڪ وڏي نيڪي جو ڪم آهي رسول الله ﷺ جو فرمان آهي: **لَا يَسْمَعُ مَدَى صَوْتِ الْمُؤَذِّنِ جِنٌّ وَلَا إِنْسٌ وَلَا شَىْءٌ إِلَّا شَهِدَ لَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.** جن انسان ۽ جيڪا بہ شئي موذن جو آواز ٻڌي ٿي اها قيامت جي ڏينهن ان جي حق ۾ گواهي ڏيندي. (صحيح بخاري: 609)

وڌيڪ فرمايائون: **اَلْمُؤَذِّنُونَ أَطْوَلُ النَّاسِ أَعْنَاقًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ.** مؤذن قيامت جي وڏي ڳچي سان هوندا يعني قيامت جي ڏينهن هنن جو ڳاٽ اوچو هوندو. (صحيح مسلم: 387)

اهڙي طرح پاڻ سڳورن فرمايو: **مَنْ أَذَّنَ ثِنْتَى عشرةَ سنةً وجبت لَهُ الجنَّةُ.** جنهن ماڻهو لڳاتار ٻارنهن سال اذان ڏني ان لاءِ جنت واجب ٿي وئي. (صحيح الجامع: 6002) معلوم ٿيو تہ اذان هڪ وڏي نيڪي آهي

جنهن تي الله تعالي وڏو اجر رکيو آهي پاڻ ڪريمن فرمايو: لَوْ يَعْلَمُ النَّاسُ مَا فِي النِّدَاءِ وَالصَّفِّ الْأَوَّلِ ثُمَّ لَمْ يَجِدُوا إِلَّا أَنْ يَسْتَهِمُوا عَلَيْهِ لَاسْتَهَمُوا. جيڪڏهن ماڻهن کي خبر پئجي وڃي ته اذان ڏيڻ ۽ پهرين صف ۾ بيهي نماز پڙهڻ ۾ ڪيترو اجر آهي ته هو ان کي حاصل ڪرڻ لاء ڪٺا وجهن. (صحيح بخاري: 615)

لهذا اهڙي نيڪي کي ترڪ ڪرڻ ۽ وڏي فخر سان چوڻ ته مون اذان ڏيڻ به ڇڏي ڏني آهي سواءِ گمراهي ۽ بدبختي جي ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟ وڏيڪ مانجهي فقير اڳيان چوي ٿو: مون خطبو ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ به ڇڏي ڏنو آهي. يقينا جمعي جي ڏينهن خطبي ٻڌڻ ۾ الله تعالي مسلمانن لاء وڏو اجر رکيو آهي رسول الله ﷺ جو فرمان آهي: مَنْ تَوَضَّأَ فَأَحْسَنَ الْوُضُوءَ، ثُمَّ أَتَى الْجُمُعَةَ فَاسْتَمَعَ وَأَنْصَتَ، غُفِرَ لَهُ مَا بَيْنَهُ وَبَيْنَ الْجُمُعَةِ، وَزِيَادَةُ ثَلَاثَةِ أَيَّامٍ.

جنهن ماڻهو سٺي طرح وضو ڪيو ان کان پوء جمعي جي نماز پڙهڻ آيو ۽ خاموشي سان ويهي خطبو ٻڌائين ته گذريل جمعي کان وٺي هن جمعي تائين هن جا گناه معاف ٿي ويندا ۽ ٽن ٻين ڏينهن جا گناه به معاف ٿيندا يعني ڪل ڏهن ڏينهن جا گناه معاف ٿيندا..(صحيح مسلم: 857)

اهڙي طرح پاڻ ڪريمن فرمايو:

مَنِ اغْتَسَلَ يَوْمَ الْجُمُعَةِ وَغَسَّلَ وَبَكَّرَ وَابْتَكَرَ وَدَنَا وَاسْتَمَعَ وَأَنْصَتَ كَانَ لَهُ بِكُلِّ خُطْوَةٍ يَخْطُوهَا أَجْرُ سَنَةٍ صِيَامُهَا وَقِيَامُهَا.

جنهن ماڻهو جمعي جي ڏينهن غسل ڪيو ۽ ڪرايو پوء جلدي پهچي خاموشي سان جمعي جو خطبو ٻڌو ان کي هر قدم کڻڻ جي بدلي هڪ سال جي روزن ۽ تهجد جو اجر و ثواب ملندو. (سنن ترمذي: 496) اهڙي نيڪي جو سر عام انڪار ڪرڻ سواء بدبختي ۽ گمراهي جي ڪجھ ناهي. موصوف اڳيان وڌيڪ چوي ٿو: اي محبوب اسان

تنهنجو چهرو ڏسي قرآن ٻه چڱي ڏنو آهي. قارئين ڪرام! قرآن مجيد جو انڪار ڪرڻ ۽ دعوي سان چوڻ تہ مون قرآن ڪي ٻه چڙي ڏنو آهي ڇا صريح ڪفر نہ آهي؟ الله تعالي قرآن مجيد ۾ اها صفت مڪي جي ڪافرن جي بيان ڪئي آهي سندن فرمان آهي: وَقَالَ الَّذِينَ كَفَرُوا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهَذَا الْقُرْآنِ وَلَا بِالَّذِي بَيْنَ يَدَيْهِ.

۽ ڪافر چون ٿا تہ اسان هن قرآن ڪي ڪڏهن نہ مڃينداسون ۽ نڪي انهي ڪي جو ڪائنس اڳ آهي. (سورة سبا: 31)

هي قرآن تہ مومنن لاءِ رحمت ۽ برڪت آهي اهو ماڻهو ڪيئن مسلمان ٿي سگهي ٿو جيڪو الله جي نازل ڪيل ڪتاب جو انڪار ڪري؟ مانجهي فقير پنهنجي هڪ ڪلام ڪان اڳ تقرير واري انداز ۾ چوي ٿو: مسلمان فرقن ۾ تبديل ٿي ويا آهن. هنن ڪي گهرجي تہ هو الله جي رسي ڪي مضبوطي سان وٺن جڏهن تہ ٻي ڪلام ۾ قرآن جو انڪار ڪري ٿو هاڻي هو ٻڌائي تہ پوءِ الله جي رسي ڪهڙي آهي، جنهن ڪي مسلمان وٺن ۽ فرقن ۾ تقسيم نہ ٿين؟

۽ اهو سوال ٻہ پيدا ٿئي ٿو تہ اهو ڪير آهي جنهن جي چهري ڪي ڏسي مانجهي قرآن ڪي ڇڏيو آهي؟ حالانڪ دنيا ۾ سڀ ڪان وڏيڪ اهميت ۽ برڪت وارو چهرو الله جي رسول ﷺ جو هو جيڪڏهن ڪنهن جي چهري ڪي ڏسي قرآن ڇڏجي ها تہ صحابہ ڪرام الله جي نبي جي چهري ڪي ڏسي قرآن ڪي ڇڏي ڏين ها.

مانجهي الائي ڪنهن جو چهرو ڏٺو آهي جو ڪائنس قرآن مجيد جو انڪار ڪرڻو پيو؟

(3)

**گونگا ٻوڙا الله مئين چوڙيا،**
**ڪن نہ جنهن ڪون اک ئي.**
**هٿ نہ پير نہ جلوا جنهن ڪون،**
**جنهن وچ ڪونهي ڪک ئي.**
**اهو هي نہ ملسي انهن ڪون ڳولڻ ئي جڪ اي.**

مٿي بيان ڪيل ڪلام ڳائيندي مانجهي فقير چوي ٿو: مون گونگي ٻوڙي الله کي ڇڏي ڏٺو آهي جنهن کي نہ ڪن آهي، نہ اک، نہ ان کي ڪو هٿ آهي، نہ پير. حتي ڪہ هن ۾ ڪک بہ ناهي ۽ اهڙي رب کي ڳولڻ ان جي عبادت ڪرڻ ان جي اطاعت فرمانبرداري ڪرڻ ۽ ان تي ايمان آڻڻ جک يعني بيڪار ۽ فضول ڪم آهي. قارئين ڪرام! پنهنجي ڳايل هن ڪلام ۾ مانجهي فقير الله رب العالمين جي ڪيتري قدر گستاخي ڪري ٿو ان جو فيصلو اوهان پاڻ ڪري سگهو ٿا تہ الله رب العالمين لاء اهڙا گتا لفظ ڳائڻ وارو ماڻهو مسلمان ٿي سگهي ٿو؟ ڇا مانجهي فقير پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ اهڙا لفظ برداشت ڪندو؟ جڏهن تہ الله رب العالمين معاذ الله گونگو ٻوڙو ناهي بلڪ امت مسلمہ جو عقيدو آهي تہ الله تعالي ڳالهائي ٿو قرآن مجيد هن جو حقيقي ڪلام آهي ۽ الله تعالي جو ڳالهائڻ خود قرآن مجيد مان ثابت آهي الله رب العالمين جو فرمان آهي: **وَ كَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا.** ۽ الله موسيٰ سان ائين ڳالهايو ڪيو جيئن ڳالهائبو آهي. (سورة النساء: 164)

رسول الله ﷺ فرمايو:

**مَا مِنْكُمْ مِنْ أَحَدٍ إِلَّا وَسَيُكَلِّمُهُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، لَيْسَ بَيْنَ اللّٰهِ وَبَيْنَهُ تُرْجُمَانٌ.**

قيامت جي ڏينهن اوهان مان هر ماڻهو سان الله تعاليٰ ڳالهائيندو، الله ۽ ان جي وچ ۾ ڪو ترجمان ڪو نہ هوندو. (صحيح بخاري: 6539)

الله تعاليٰ جي ڳالهائڻ واري صفت تي ٻيا بہ ڪوڙ دليل موجود آهن پر اسان طوالت کان بچندي هڪ آيت ۽ هڪ حديث اوهان سامهون پيش ڪئي آهي ۽ "معاذ الله" الله تعالي ٻوڙو بہ ناهي. هو پنهنجي مخلوق جي دعائن کي ٻڌي ٿو. اسان صرف هڪ روايت تي اڪتفا ڪريون ٿا تہ رسول الله ﷺ جي صحابيہ خولہ بنت مالڪ رضي الله عنها کي پنهنجي مڙس چيو: تون مون لاء ايئن آهين جيئن منهنجي ماء آهي. جاهليت ۾ اهڙن لفظن کي

طلاق شمار ڪيو ويندو هو. خوله رضي الله عنها اها شڪايت ڪڻي رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ اها ڳالهه بيان ڪري رهي هئي عائشه صديقه رضي الله عنها بيان ڪري ٿي ته: الله تعالي ڪيتري قدر ٻڌڻ وارو آهي آئون پاڻ اتي ويٺي هيس پر آئون به ان عورت جون ڪجهه ڳالهيون نه سمجهي سگهيس پر الله تعالي عرش تي ان جي شڪايت ٻڌي ورتي ۽ اها عورت اجان اتان اٿي به نه هئي جو جبريل وحي ڪڻي نازل ٿي ويو ته: قَدْ سَمِعَ اللَّهُ قَوْلَ الَّتِي تُجَادِلُكَ فِي زَوْجِهَا وَتَشْتَكِي إِلَى اللَّهِ وَاللَّهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا إِنَّ اللَّهَ سَمِيعٌ بَصِيرٌ.

بيشڪ الله ان عورت جي ڳالهه ٻڌي جيڪا تو سان پنهنجي مڙس جي باري ۾ تڪرار ڪري رهي هئي ۽ الله اڳيان فرياد ڪري رهي هئي ۽ الله توهان ٻنهي جا هڪ ٻئي ۾ سوال و جواب ٻڌي رهيو آهي. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. (سورة المجادله: 1)

معلوم ٿيو ته معاذ الله الله نه گونگو آهي نه ٻوڙو. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ڪافي جاين تي پنهنجي "صفت" سميع بيان ڪئي آهي، جنهن مان مراد آهي ٻڌڻ وارو. مانجهي فقير پنهنجي انهي ڳايل ڪلام ۾ چوي ٿو معاذ الله، الله کي "اک" به نه آهي، جڏهن ته الله رب العالمين جون اکيون خود قرآن مجيد مان ثابت آهن. الله رب العالمين جو فرمان آهي:

وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَإِنَّكَ بِأَعْيُنِنَا.

۽ پنهنجي پاليندڙ جي حڪم جو انتظار ڪر ڇو ته تون اسان جي اکين جي سامهون آهين. (سورة الطور: 48)

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي:

أَنَّ اللَّهَ لَيْسَ بِأَعْوَرَ.

الله تعالي ڪاڻو ناهي. (صحيح بخاري: 6175)

الله رب العالمين قرآن ڪريم ۾ پنهنجي اکين جو ذڪر ڪيو ان جي رسول واضح فرمايو تہ اوهان جو رب "معاذ الله" ڪاڻو ناهي، هو اکين وارو آهي. جڏهن تہ مانجهي چوي ٿو: هن کي اکيون ناهن. هاڻي هڪ مومن مسلمان ڪنهن جي ڳالهہ تي يقين رکي الله ۽ ان جي رسول جي فرمان تي يا هڪ ڳاڻي جي ڳالهہ تي؟ اهڙي طرح هن شعر ۾ اڳيان هلي چوي ٿو: ان کي هٿ ۽ پير بہ نہ آهن ۽ هن جو ڪو جلوو بہ ناهي. اچو تہ الله ۽ ان جي رسول کان پڇون تہ ڇا الله تعالي کي هٿ بہ آهن؟ الله رب العالمين جو فرمان آهي:

تَبٰرَكَ الَّذِیۡ بِیَدِهِ الۡمُلۡكُ وَهُوَ عَلٰی كُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرُ.

اهو الله وڏي برڪت وارو آهي جنهن جي هٿ ۾ پوري دنيا جي بادشاهي آهي ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. (سورة الملڪ: 1)

رسول الله ﷺ جو فرمان آهي:

إِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ يَبْسُطُ يَدَهُ بِاللَّيْلِ لِيَتُوبَ مُسِيءُ النَّهَارِ وَيَبْسُطُ يَدَهُ بِالنَّهَارِ لِيَتُوبَ مُسِيءُ اللَّيْلِ.

الله رب العالمين رات جو پنهنجا هٿ ڦهلائي ٿو جيئن ڏينهن جو گناه ڪرڻ وارا معافي گهرن ۽ ڏينهن جو پنهنجا هٿ ڦيلائي ٿو تہ جيئن رات جو گناه ڪرڻ وارا معافي گهرن. (صحيح مسلم: 2759)

قارئين ڪرام! الله رب العالمين جي صفت "هٿ" ۾ بيا بہ ڪوڙ دليل پيش ڪري سگهجن ٿا پر اسين طوالت کان بچندي صرف ٻن دليلن تي اڪتفا ڪريون ٿا. مانجهي اڳيان چوي ٿو: الله کي ڪو جلوو بہ ناهي. جڏهن تہ رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي: إِنَّ اللَّهَ جَمِيلٌ يُحِبُّ الْجَمَالَ.

الله تعالي سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند ڪري ٿو. (صحيح مسلم: 91)

پاڻ وڌيڪ فرمايائون:

حِجَابُهُ النُّورُ، لَوْ كَشَفَهُ لَأَحْرَقَتْ سُبُحَاتُ وَجْهِهِ مَا انْتَهَى إِلَيْهِ بَصَرُهُ مِنْ خَلْقِهِ»

ان کي نور جو پردو آهي، جيڪڏهن هو پنهنجو پردو هٽائي تہ

ان جو جلوو ان جي مخلوق جي هر ان شئي کي ساڙي ڇڏي جيسيتائين ان جي نظر پهچي. (صحيح مسلم: 179 سنن ابن ماجہ: 195)

معلوم ٿيو تہ الله رب العالمين جلون وارو آهي. جيڪڏهن مانجهي کي علم ناهي تہ هو پاڻ کي ملامت ڪري مسلمان هن جي جهالت تي تعجب کان سواءِ ٻيو ڇا ٿا ڪري سگهن؟ مانجهي وڏيڪ اڳيان چوي ٿو: اهو الله نہ ملندو ان کي ڳولڻ اجايو آهي. جڏهن تہ الله تعالي قرآن مجيد ۾ فرمايو:

وَإِذَا سَأَلَكَ عِبَادِي عَنِّي فَإِنِّي قَرِيبٌ أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ.

۽ جڏهن توکان منهنجا ٻانهان منهنجي پڇا ڪن تہ چئو: بيشڪ آئون ويجهو آهيان. سڏيندڙ جي سڏ جو جواب ڏيان ٿو جنهن وقت هو مون کي سڏي ٿو. (سورة البقره: 186)

حديث قدسي آهي الله تعالي فرمائي ٿو:

أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي، وَأَنَا مَعَهُ إِذَا ذَكَرَنِي، فَإِنْ ذَكَرَنِي فِي نَفْسِهِ ذَكَرْتُهُ فِي نَفْسِي، وَإِنْ ذَكَرَنِي فِي مَلَإٍ ذَكَرْتُهُ فِي مَلَإٍ خَيْرٍ مِنْهُمْ، وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ ذِرَاعًا، وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ بَاعًا، وَإِنْ أَتَانِي يَمْشِي أَتَيْتُهُ هَرْوَلَةً.

آئون پنهنجي ٻانهي جي سوچ مطابق آهيان. جڏهن هو مون کي سڏي ٿو آئون ان سان گڏ آهيان. جڏهن هو پنهنجي دل ۾ مون کي ياد ڪري ٿو تہ مان پنهنجي دل ۾ هن کي ياد ڪريان ٿو جڏهن هو مون کي پنهنجي مجلس ۾ ياد ڪري ٿو تہ مان ان کي ان جي مجلس کان ڀلي مجلس ۾ يعني ملائڪن جي مجلس ۾ ياد ڪريان ٿو جڏهن هو مون ڏانهن هڪ گرانٺ اچي ٿو تہ مان ان ڏانهن هڪ هٿ برابر اچان ٿو جڏهن هو مون ڏانهن هڪ هٿ اچي ٿو تہ مان ان ڏانهن ٻہ هٿ اچان ٿو جڏهن هو مون ڏانهن هلي اچي ٿو تہ مان ان ڏانهن ڊوڙي اچان ٿو. (صحيح بخاري: 7405)

الله رب العالمين ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ مان پنهنجي ٻانهي کي ملان ٿو جڏهن تہ مانجهي چوي ٿو: الله نٿو ملي. هاڻي هڪ مسلمان ڪنهن جي

ڳالهہ تي يقين رکي؟ رب العالمين جي فرمان تي يا راڳي مانجهي جي راڳ تي؟ جيڪڏهن ٻانهي کي الله جي رضا نصيب نٿي ٿئي تہ پوءِ رسول الله ﷺ، ان جي صحابہ، تابعين، تبع تابعين، نيڪ صالح ٻانهن جون نمازون، روزه، حج، زڪواتون تهجدن ۾ ڏکهن ڏکهن قيامن جو ڇا مطلب هو ڇا معاذ الله اهي سڀ فضول هيون؟ مانجهي الله جي نيڪ صالح ٻانهن تي چٿر ڪندي غمدل جو دوهيڙو ڳائيندي چوي ٿو: (غمدل افسوس زاهد کي شرم نہ آيو. جنهن بي مثل الله کي ڳولي وقت وڃايو.)

قارئين ڪرام! ان ڪلام جي ضد ۾ هر اهو ماڻهو اچي ٿو جنهن الله جي رضا لاءِ نيڪ عمل ڪيا ڇا اهڙي ڳالهہ کان الله جا نبي انهن جا صحابي الله جا نيڪ صالح ٻانها خود سيدنا علي، حسن و حسين، سيده فاطمہ رضي الله عنهم جن جي محبت جي دعويٰ خود مانجهي ڪري ٿو ۽ تازو ثواب جي نيت سان ڪربلا جون زيارتون پڻ ڪري آيو آهي. ڇا اهي سڀ انهي ڳالهہ جي ضد ۾ نٿا اچن جن عبادتون ڪري پنهنجي رب جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ قارئين ڪرام! هي ماڻهو اسلام جي مخالفت ۾ ڪيتري قدر اڳتي وڌي چڪو آهي انهي جو اندازو اوهان ان جي راڳ مان آساني سان لڳائي سگهو ٿا.

مانجهي فقير وڏيڪ چوي ٿو:

(4)

*مسجد تو تو نے دیکھ لیا میخانا بھی دیکھ لے،*
*کعبہ حرم تو دیکھ لیا بت خانہ بھی دیکھ لے۔*

هن ڪلام ۾ مانجهي مسلمانن کي ميخاني جي دعوت ڏئي رهيو آهي جڏهن تہ اسلام شراب کي حرام قرار ڏنو آهي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو فرمان آهي:

**لَعَنَ اللّٰهُ الْخَمْرَ، وَشَارِبَهَا وَسَاقِيَهَا.** شراب تي، شراب پيئڻ واري تي ۽ شراب پيارڻ واري تي الله جي لعنت آهي. (سنن ابي داود: 3674)

شراب خاني ۾ وڃڻ تہ پري جي ڳالھ آھي رسول الله ﷺ تہ اھڙي مجلس کان بہ منع فرمايو آھي جتي شراب پيتو وڃي سندن فرمان آھي:

مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ، فَلَا يَجْلِسْ عَلَى مَائِدَةٍ يُدَارُ عَلَيْهَا بِالْخَمْرِ.

جيڪو ماڻھو الله ۽ قيامت جي ڏينھن تي ايمان رکي ٿو ان کي گھرجي تہ اھڙي دستر خوان تي نہ ويھي جنھن ۾ شراب جو دور ھلندو ھجي. (سنن ترمذي: 2801)

قارئين ڪرام! اڳيان مانجھي چوي ٿو: تہ ڪعبو تہ ڏنو اٿئي ھاڻي بت خانو بہ ڏسي وٺ. ھي ھڪ اھڙو جملو آھي جيڪو پنھنجي قباحت ۽ خطرناڪي ۾ صاف واضح آھي اسان ان تي تبصري ڪرڻ بجاء فيصلو اوھان تي ڇڏيون ٿا تہ مسلمانن کي بت خاني جي دعوت ڏيڻ ڇا صريح ڪفر ناھي؟

(5)

## دم اسم جو ڏاڍو ھٺي اغوا ڪيم الله کي

مٿي بيان ڪيل ڪلام ۾ مانجھي فقير (معاذ الله) الله کي اغوا ڪرڻ جي ڳالھ ڪري ٿو جيڪو صريح ڪفر ۽ بد ترين گستاخي آھي. پر عقل وارا انصاف سان ٻڌائن تہ ڇا مانجھي ۾ ايتري طاقت آھي جو الله رب العالمين کي اغوا ڪري سگھي؟

ڇا مانجھي جھڙي ماڻھو جي عرش عظيم تائين پھچ ٿي سگھي ٿي؟ سيدنا عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ جو فرمان آھي: مَا بَيْنَ كُلِّ سَمَاءٍ إِلَى أُخْرَى مَسِيرَةُ خَمْسِمِائَةِ عَامٍ، وَمَا بَيْنَ السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ مَسِيرَةُ خَمْسِمِائَةِ عَامٍ، وَمَا بَيْنَ السَّمَاءِ السَّابِعَةِ إِلَى الْكُرْسِيِّ مَسِيرَةُ خَمْسِمِائَةِ عَامٍ، وَمَا بَيْنَ الْكُرْسِيِّ إِلَى الْمَاءِ مَسِيرَةُ خَمْسِمِائَةِ عَامٍ، وَالْعَرْشُ عَلَى الْمَاءِ، وَاللّٰهُ عَلَى الْعَرْشِ،

وَيَعۡلَمُ أَعۡمَالَكُمۡ. هر آسمان جي وچ جو فاصلو پنج سئو سال جي مسافري آهي ۽ زمين کان دنياوي آسمان جو فاصلو پنج سئو سال جي مسافري آهي، ستين آسمان کان الله جي ڪرسي تائين جو فاصلو پنج سئو سال جي مسافري آهي، ڪرسي ۽ پاڻي جي وچ جو فاصلو پنج سئو سال جي مسافري آهي، الله جو عرش پاڻي تي آهي ۽ الله عرش تي مستوي آهي. (التوحيد لابن خزيمة: 1/242)

معلوم ٿيو تہ الله تائين پهچڻ جو فاصلو 20 صدين جو سفر آهي ڇا مانجهي جي ايتري طاقت ۽ عمر آهي جو معاذ الله هو الله تعالي تائين پهچي سگهي يا هن ڪلام جي شاعر جانڻ چن ۾ ايتري طاقت آهي جو هو الله تائين پهچي سگهي؟ قارئين ڪرام! هي سڄي تفصل اسان ان لاء پيش ڪئي آهي تہ جيئن مانجهي جي بي عقلي ۽ جهالت اوهان سامهون واضح ٿئي تہ هو ماڻهو ڪيترو جاهل آهي جڏهن تہ اسان جو ايترو جواب ئي ڪافي هو تہ ٻانهي ۾ ايتري طاقت ئي ناهي جو هو رب العالمين تائين پهچي سگهي خود موسي عليہ السلام کي الله تعالي جي هڪ تجلي بي هوش ڪري ڇڏيو هو جڏهن تہ هو سندن نبي هو. تہ پوء هڪ ڳائڻي جي ڪهڙي جرئت جو هو رب العالمين تائين پهچي هن کي اغوا ڪري سگهي؟ (العياذ بالله! نقل ڪفر ڪفر نہ باشد).

(6)

**مسجد مندر وجڻ پاپ اسان ڪون هئي سجده ڪرڻ اجايا،**
**دين ڌرم دي بات پليوسي اسلام رکڻ موڪلايا.**

مانجهي فقير پنهنجي هڪ ڳايل ڪلام ۾ چوي ٿو: مسجد وڃڻ اسان وٽ گناه جو ڪم آهي ۽ اسلام کي اسان ڇڏي ڏنو آهي، جيڪو ماڻهو سڏو سئون اعلان ڪري تہ اسان مسجد وڃڻ گناه سمجهون ٿا اسلام کي اسان ڇڏي ڏنو آهي ڇا اهڙو ماڻهو مسلمان ٿي سگهي ٿو؟ اسان طوالت کان بچندي اهو فيصلو اوهان پڙهندڙ پائرن تي ڇڏيون ٿا.

(7)

*رام کرے میں مسجد وانگوں ویکھاں تیرے مندرنوں۔*

مانجهي فقير پنهنجي هڪ ٻاٻل ڪلام ۾ چوي ٿو: رام ڪري آئون مندر کي به مسجد وارو درجو ڏيان. قارئين ڪرام! رام هندن جو جو ديوتا آهي هو ان کي پڪارين ٿا ۽ پوڄا ڪن ٿا مانجهي انهي کي سڏي ٿو ۽ پنهنجي هڪڙي ٻئي دوهيڙي ۾ چوي ٿو: ”اسان آهيون رام سان راضي“. يعني اسان رام جي معبود هجڻ ۾ راضي آهيون ۽ چوي ٿو: آئون چاهيان ٿو ته مندر کي آئون مسجد جو درجو ڏيان ۽ مانجهي پنهنجي اڪثر ڪلامن ۾ هڪ دوهيڙو ڳائيندو آهي ته (مسجد ڍها دي) مسجدن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

وڏيڪ هڪ اردو دوهيڙو ڳائيندي چوي ٿو:

(8)

*ایسا کوئی جہاں ملے جہاں ہونٹوں پر مسکان ملے*
*کاش ملے مندر میں خدا اور مسجد میں بھگوان ملے.*

مانجهي فقير وڌيڪ چوي ٿو:

(9)

**زماني زور آ لاتو مسجد مندر ۾ ڳولڻ جو،**
**مونکي محبوب منڙي جي ميخان سان محبت.**

زماني الله کي مسجد ۾ ڳولڻ جو زور لڳايو آهي، پر اسان کي پنهنجي محبوب جي ميخان يعني شراب خاني سان محبت آهي. پڙهندڙ دوستو! مٿيان شعر پڙهي انصاف سان فيصلو ڪريو ته ڇا اهو سڀ ڪجهه صريح ڪفر ناهي؟

(10)

**مرشد سانون ايوين فرمايا**
**ڇوڙ دين ايمان ميان.**

وحد واري پوڄ بتان نون
ڪفر دا ڪوڙ نشان ميان
مسيتان وچڻ ڪجھ نہ حاصل ٿسي
توڙي پڙهين چا ڪلما قرآن ميان.

مانجھي فقير سان گڏ ڳائيندي سندن ساٿي مٿيان بيان ڪيل دوهيڙو پڙهندي چوي ٿو: دين ايمان ڪي ڇڏي ڏيو الله ڪي ڇڏي بتن جي پوڄا ڪريو ۽ پنهنجي پاڻ تي ڪفر جي نشاني لڳايو هنن مسجدن مان اوهان ڪي ڪجھ حاصل نہ ٿيندو پلي ڪلمو پڙهو توڙي قرآن پڙهو. قارئين ڪرام اوهان پاڻ انصاف سان فيصلو ڪريو تہ ڇا هي لفظ صريح ڪفر نہ آهن ؟

(11)

سانون رب اهو چڱا جهڙا ڏسي ٻول ڪي،
انهي رب ڪٽي ڪيا ليٽا جيڪو ماري رول ڪي،
گونگي ٻوڙي رب ڪٹون آٽا جاٽا ڇڏيا.

مانجھي فقير مٿي بيان ڪيل سرائڪي دوهيڙي ۾ الله رب العالمين جي وڏيڪ گستاخي ڪندي چوي ٿو: اسان ڪي ان رب جي ڪهڙي ضرورت آهي جنهن اسان ڪي رولي ڇڏيو هجي، اسان اهڙي گونگي ٻوڙي رب وٽ اڇڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي . قارئين ڪرام! انهي اعتراض جو جواب پنيان گذري چڪو آهي.

مانجھي فقير پنهنجي هڪ ڪلام جي شروع ۾ گفتگو ڪندي چوي ٿو: اسان مسلمانن جو عقيدو آهي حج ڪبو حج اسود ڪي چمي پائبي ڪعبي جو طواف ڪبو آب زمزم پيئبو اتان جا فرائض اتان جا احڪام پورا ڪبا تہ ماڻهو جا گناه لهي ويندا پر صوفي درويش چون ٿا تہ ايئن هر گز ناهي.

ڪلام: ٹلھ ملان. (امتياز رائٽس يو ٽيوب چينل)

قارئين ڪرام! ان گفتگو جي شروع ۾ مانجهي مسلمان هجڻ جي دعوي ڪري پوءِ چوي ٿو: حج ادا ڪرڻ سان گناه معاف ٿيڻ واري ڳالهہ هرگز صحيح نہ آهي اچو تہ الله جي رسول صلي الله عليہ وسلم جي فرمان کي ڏسون تہ سندن فرمان مبارڪ ڇا آهي؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مَنْ حَجَّ لِلَّهِ فَلَمْ يَرْفُثْ وَلَمْ يَفْسُقْ رَجَعَ كَيَوْمَ وَلَدَتْهُ أُمُّهُ. جنهن ماڻهو حج ادا ڪيو هن فحش گوئي نہ ڪئي ۽ نہ ئي ڪنهن گناه جو مرتڪب ٿيو تہ اهو ماڻهو گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويو جڻ هن جي ماءَ هن کي هاڻ جنم ڏنو هجي. (صحيح بخاري: 1521)

الله جو رسول فرمائي ٿو تہ حج سان گناه معاف ٿين ٿا جڏهن تہ مانجهائي جماعت جو مرشد چوي ٿو تہ: گناه معاف نٿا ٿين! مانجهائي فقير فيصلو ڪن تہ ڪنهن جي ڳالهہ صحيح آهي؟ اهڙي طرح حجر اسود کي چمي ڏيڻ متعلق رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي: إِنَّ مَسْحَهُمَا يَحُطَّانِ الْخَطِيئَةَ. حجر اسود ۽ رڪن يماني کي ڇهڻ سان گناه معاف ٿين ٿا. (سنن نسائي: 2922)

ڪعبي جو طواف جنهن تي مانهي فقير پنهنجي هر ڪلام ۾ چٿر ڪري ٿو ان جو اجر بيان ڪندي رسول الله ﷺ جن فرمايو: مَنْ طَافَ بِهَذَا الْبَيْتِ أُسْبُوعًا فَأَحْصَاهُ، كَانَ كَعِتْقِ رَقَبَةٍ، وَسَمِعْتُهُ يَقُولُ: لَا يَضَعُ قَدَمًا وَلَا يَرْفَعُ أُخْرَى إِلَّا حَطَّ اللَّهُ عَنْهُ خَطِيئَةً، وَكَتَبَ لَهُ بِهَا حَسَنَةً.

جنهن ماڻهو ست ڀيرا بيت الله جو طواف ڪيو ۽ ان کي شمار ڪيو ان جڻ هڪ غلام آزاد ڪيو ۽ جڏهن هو طواف ڪندي پنهنجو پير رکندو ۽ کڻندو انجي بدلي الله ان جو هڪ گناه معاف ڪندو ۽ هن لاءِ هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو. (سنن ترمذي: 959)

قارئين ڪرام! اوهان تقابلو ڪريو تہ ڇا مانجهي فقير جون ڳالهيون رسول الله ﷺ جي شريعت سان متضاد نہ آهن؟

مانجهي فقير غلام فريد جو دوهيڙو ڳائيندي وڏيڪ چوي ٿو:

(12)

**تون وچين حج ڪرڻ متان يار تيڏي گهر آوي،**

**آکي غلام فريدا ڪر يار ڪون سجده،**

**تيڏي ڪعبي ڪون جند چٽ جاوي.**

تون يار کي سجدو ڪر تہ تنهنجي ڪعبي مان جان ڇٽي پوي، اهو ڪهڙو مسلمان آهي جيڪو الله جي گهر کان ايترو بيزار هجي؟ مومن جي دل ۾ تہ پوري عمر الله جي گهر کي ڏسڻ جي تڙپ هوندي آهي. قارئين ڪرام! اوهان پاڻ فيصلو ڪريو تہ ڇا ڪعبي مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو ماڻهو مسلمان ٿي سگهي ٿو؟

(13)

حیااور شریعت کے تقاضوں کی بات کرتے ہو

ہم نے ننگے جسموں کو ملبوس حیا دیکھا ہے

ہم نے دیکھیں ہیں احرام میں چھپے ہزاروں ابلیس

ہم نے میخانے میں سو بار خدا دیکھا ہے

مانجهي فقير هڪ دوهيڙو ڳائيندي چوي ٿو: حيا ۽ شريعت جي ڳالهہ ڇو ٿا ڪريو اسان اگهاڙن ۾ بہ حيا ڏٺو آهي. پڙهندڙ پيارو! ڇا اگهاڙو ماڻهو حيا وارو هوندو آهي؟ ڇا معاشري جو ڪو ماڻهو ڪنهن اگهاڙي کي پنهنجي مجلس ۾ ويهارڻ پسند ڪندو؟ ڇا مانجهي پنهنجي راڳ ۾ اگهاڙن کي ويهارڻ پسند ڪندو؟ رسول الله ﷺ تہ ران کي بہ کليل رکڻ کان منع ڪيو آهي سندن فرمان آهي: **إِنَّ الْفَخِذَ عَوْرَةٌ**. بيشڪ ران پردو آهي. (سنن ترمذي:2796)

شريعت تہ مومن کي ران تان پردو هٽائڻ جي بہ اجازت نٿو ڏي، پورو ننگ ڌڙنگ اگهاڙو ماڻهو حيا وارو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مانجهي فقير اڳيان هلي احرام پهريل حاجي کي پنهنجي جهالت جو نشانو بڻائيندي چوي ٿو: اسان احرام ۾ ابليس ڏٺا آهن جڏهن تہ رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي: **وَفْدُ اللّٰهِ ثَلَاثَةٌ: اَلْغَازِي وَالْحَاجُّ وَالْمُعْتَمِرُ**.

ٽن قسمن جا ماڻهو الله جو وفد يعني الله جا مهمان آهن: غازي حاجي ۽ عمري ڪرڻ وارو. (سنن نسائي: 2625) احرام پاتل حاجي يا معتمر کي الله تعالي پنهنجو مهمان سڏيو آهي جنهن کي مانجهي ابليس چئي رهيو آهي ۽ گڏوگڏ الله جي گهر جو پڻ انڪارڪندي چوي ٿو: (صورت صنم جو ڪعبو ڪعبو ٻيو نہ ڄاڻان) قارئين ڪرام! مٿي بيان ڪيل شعر پڙهي انصاف سان فيصلو ڪريو تہ ڪعبي جو انڪار ڪرڻ ۽ ڪعبي جي لاءِ احرام پائي نڪرندڙ کي ابليس چوڻ ڇا صريح ڪفر ناهي؟

(14)

**سان جي عشق جو ڪلمو آهي انسان سان محبت**
**ڪفر اسلام ڪان اڳ ۾ امن ايمان سان محبت.**

قارئين ڪرام! مانجهي فقير پنهنجي ان ڪلام سان گڏ هڪڙو ٻيو ڪلام بہ وڏي جوش ۽ خروش سان ڳائيندو آهي تہ:

(15)

**ڪو آ رحمان جي پاسي ڪو آ ڀڳوان جي پاسي،**
**اسان جو سجدو آ ان کي جيڪو انسان جي پاسي.**

مٿي بيان ڪيل ڪلامن ۾ مانجهي فقير ماڻهن کي اهو تاثر ڏئي رهيو آهي تہ آئون دين اسلام نہ بلڪ دين انسانيت تي ايمان رکڻ وارو آهيان جيڪو ماڻهو انسانيت جي ڳالهہ ڪري آئون انکي سجدو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ مون انسانيت سان محبت رکڻ جو ڪلمو پريو آهي پر ڇا مانجهي پنهنجي ان دعويٰ ۾ سچو آهي؟مانجهي نيڪ انهن ڏينهن ۾ پنهنجو نئون البم رڪارڊ ڪرائي رهيو هو جن ڏينهن ۾ ڏهہ هزار کان مٿي بي ڏوهہ فلسطيني ماڻهن کي فاسفورس بمن سان شهيد ڪيو ويو ٽن هزار کان وڌيڪ ٻارن ۽ هزارين عورتن کي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڪپيو ويو. اسپتال اسڪول، عبادتگاهون، پناهگاهون، هر شئي کي نيست ونابود ڪيو ويو. ٻي طرف انسانيت جو ڪلمو پريندڙ دهل وڄائي نچندي ڪڏندي پنهنجو نئون البم رڪارڊ ڪرائي رهيو هو !ڇا انسانيت سان محبت جي ڪلمي پڙهڻ وارو ماڻهو اهڙي قتلام جي ڏينهن ۾

پنهنجو راڳ بہ روڪي نہ سگهيو؟ ڇا انسانيت سان محبت ڪرڻ وارو ماڻهو پير واري پريس ڪلب تي پر امن احتجاج بہ نٿي ڪري سگهيو؟ يا انسانيت جي دعوي ڪرڻ وارو سوشل ميڊيا تي هڪ بيان بہ رڪارڊ نہ ڪرائي سگهيو؟ ڪنهن ٻن سنڌي ماڻهن جي مارجڻ تي بلاڪ ٽيل روڊ تي پهچي ويندڙ مانجهي فقير ڪي هزارين انسانن جي قتلام جي خبر نہ پئجي سگهي؟ معلوم ٿيو تہ انسانيت جو ڪلمو بہ اسلام جي ڪلمي جي انڪار ڪرڻ جو هڪ بهانو آهي جنهن ۾ ڪا صداقت ناهي.

## ڇا مانجهي فقير حافظ آهي؟

قارئين ڪرام! مانجهي فقير کي وائکي ڪرڻ لاء اسان جڏهن قلم کنيو تہ اڪثر ماڻهن اها دعويٰ ڪئي تہ هو پاڻ قرآن مجيد جو حافظ آهي. هن کي اوهان جي سمجهائڻ جي ضرورت ناهي. پر جڏهن اسان هن جا وڊيوز ڏٺا تہ هو پنهنجي هڪ وڊيو ۾ ڪچهري ڪندي چوي ٿو: الله تعالي قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو: الإنسان سري وأنا سره. انسان منهنجو ڳجهہ آهي آئون انسان جو ڳجهہ آهيان. جڏهن تہ پوري قرآن ڪريم ۾ اهڙي ڪا آيت ناهي. مانجهي جي اها دعويٰ ڏسڻ لاء هي لنڪ کوليو:
https://www.facebook.com/100008322157213/posts/3604523636501673/?mibextid=rS40aB7S9Ucbxw6v

قارئين ڪرام مانجهي جون ٻيون بہ کوڙ گستاخيون ۽ ڪفر ڀريا ڪلام موجود آهن. اسان طوالت کان بچندي محض چند مثال پيش ڪيا آهن ڪنهن دوست کي سندن وڌيڪ نظريا ڏسڻا هجن تہ هو يو ٽيوب يا فيس بڪ تي مانجهي فقير لکي سرچ ڪري پوء سندن ڪلام ٻڌي پاڻ فيصلو ڪري. ممڪن آهي ڪجهہ دوست اهو اعتراض ڪن تہ هنن ڪلامن جا شاعر ٻيا آهن مانجهي فقير ڪونهي تہ ان اعتراض جو جواب اسان هي ڏينداسين تہ: ڪفريہ ڪلام لکندڙ ۽ ڳائيندڙ سڀ ان ڏوهہ ۾ برابري جا شريڪ آهن. ۽ اهو اعتراض بہ ٿي

سگهي ٿو تہ جڏهن هو قرآن ۽ حديث کي مڃي ئي نٿو تہ پوءِ اوهان هن کي قرآن و حديث مان جواب ڇو ڏنا آهن؟ تہ ان اعتراض جو جواب اسان هي ڏينداسين تہ هو پنهنجو پاڻ کي مسلمان سڏرائي ٿو ۽ اعتراف ڪري ٿو تہ مون محمد رسول الله ﷺ جو ڪلمو پڙهيو آهي سندن اعتراف لاءِ هي لنڪ کولي ڏسو:

https://m.facebook.com/story.php?story_fbid=pfbid02PfG5k6yD2uDzyh2eXHqibMXzVTqyCXWy8nfy3aJz5CiMoYdGPKbRemXMJhEufzacl&id=100008322157213&mibextid=Nif5oz

آخر ۾ اها وضاحت بہ ضروري سمجهون ٿا تہ اسان اهي ڪجھ ڪلام يو ٽيوب ۽ فيس بڪ تان پڙدي سندن ڳالهيون من وعن نوٽ ڪري اوهان سامهون پيش ڪيون آهن ۽ اهي ڪلام هن وقت بہ يوٽيوب ۽ فيس بڪ تي موجود آهن.